وقت بيھي نٿو --- [طويل نظم]

وقت، يادون ۽ لفظ

محمد علي پٺاڻ
سان هڪ ادبي گفتگو

وقت، زندگي ۽ يادون

مرتب
جنيد فاروقي

وقت بيهي نٿو

[طويل نظم]

وقت جي وهڪري سان همسفر هڪ شاعر

محمد علي پٺاڻ

سان هڪ ادبي گفتگو

مرتب

جنيد فاروقي

انتساب

وقت جي انهن سيني

لمحن جي نالي،

جيڪي زندگيءَ کي

معنيٰ ڏين ٿا،

۽ انهن دوستن

۽ ساٿين جي نالي،

جن جي يادگيرين ۾

وقت اڃا تائين زنده آهي.

اقتباس

وقت بيهي نٿو...

اهو دريا جي وهڪري وانگر هلندو رهي ٿو...

پر انسان جا لفظ، يادون ۽ احساس،

ان وهڪري جي ڪنارن تي

يادگيريون بڻجي هميشه لاءِ نشان ڇڏي وڃن ٿا.

فهرستِ مضامين

پيش لفظ 5

تعارفي نوٽ 7

وقت سان مڪالمو

(محمد علي پٺاڻ سان ادبي گفتگو)

1 وقت جي حقيقت 10

2 زندگي ۽ وقت جو سفر 12

3 شهر، يادگيريون ۽ بدلجندڙ دور 14

4 دوستيون، ڪچهريون ۽ فڪري فضا 16

5 شاعري ۽ تخليق جو سفر 17

6 وقت جو بي رحم وهڪرو 19

اختتامي تاثر 21

شاعر بابت 22

پيش لفظ

وقت هڪ عجيب حقيقت آهي، جيڪو بي آواز سفر ڪري ٿو، پر پنهنجي گذر سان زندگيءَ جا ڪيترائي نقش ڇڏي وڃي ٿو. ماڻهو اچن ٿا، دؤر بدلجن ٿا، شهرن جا نقش تبديل ٿين ٿا، دوستيون ۽ يادگيريون وقت جي وهڪري ۾ اڳتي وڌنديون رهن ٿيون... پر وقت پاڻ ڪڏهن به بيهي نٿو...

محمد علي پناڻ جي طويل نظم ”وقت بيهي نٿو“ به انهيءَ احساس جو هڪ ادبي اظهار آهي. هن نظم ۾ وقت رڳو هڪ لفظ نه، پر هڪ مڪمل تجربو بڻجي سامهون اچي ٿو. ان ۾ زندگيءَ جا منظر آهن، دوستين جون ڪچهريون آهن، سماج جي تبديل ٿيندڙ صورت آهي ۽ انهن سيني جي وچ ۾ انسان جي اِحساسن جو هڪ خاموش سفر به موجود آهي.

ادب ۾ انٽرويو عام طور ٻن آوازن جي وچ ۾ ٿيندڙ گفتگو هوندي آهي، هڪ سوال ڪندڙ ۽ ٻيو جواب ڏيندڙ. پر هن متن جي جوڙجڪ روايتي انٽرويو کان ڪجهه مختلف آهي. هتي سوال ڪندڙ به هڪ ڪتاب آهي ۽ جواب ڏيندڙ به ساڳيو ڪتاب.

محمد علي پناڻ جي طويل نظم **”وقت بيهي نٽو“** صرف شاعري نه، پر وقت، زندگي، يادگيرين ۽ سماجي تبديليءَ بابت هڪ گهرو فڪري بيان آهي. هن نظم ۾ وقت جي وهڪري سان گڏ هڪ دؤر، هڪ شهر ۽ هڪ سماج جا ڪيترائي منظر، احساس ۽ تجربا به گڏ سفر ڪن ٿا. شاعر جڏهن وقت بابت ڳالهائي ٿو ته دراصل هو انساني زندگيءَ جي انهن لمحن کي به بيان ڪري ٿو، جيڪي خوشين، ڏکن، جدوجهدن ۽ يادگيرين سان ڀريل آهن.

هن طويل نظم کي پڙهندي اهو احساس پيدا ٿيو ته ان ۾ موجود خيال رڳو بيان ٿيڻ لاءِ نه آهن، پر انهن سان ڳالهائڻ به ممڪن آهي. اُن اِحساس مان هن خيال جنم ورتو ته جيڪڏهن انهن خيالن کي سوالن جي صورت ۾ ترتيب ڏنو وڃي ۽ انهن جا جواب وري شاعر جي پنهنجي شاعري مان ڳوليا وڃن ته شايد هڪ نئين نوعيت جي ادبي گفتگو وجود ۾ اچي سگهي.

هي انٽرويو انهيءَ نظم سان هڪ منفرد انداز ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش آهي. جتي نظم جي فڪري جهان مان سوال اُڀرن ٿا ۽ انهن جا جواب وري ساڳئي نظم جي سِٽن مان ملي وڃن ٿا. انهيءَ معنيٰ ۾ هي روايتي انٽرويو نه، پر هڪ ادبي مڪالمو آهي. ڪتاب سان، وقت سان، ۽ انهن يادگيرين سان جيڪي شاعر جي لفظن ۾ محفوظ آهن.

”وقت بيهي نٿو“ رڳو وقت جي رواني جو استعارو نه آهي، پر هڪ اهڙي دؤر جي به شاهدي آهي، جتي سماج، شهر ۽ ماڻهو آهستي آهستي تبديل ٿيندا رهيا. هن نظم ۾ لاڙڪاڻي جي پراڻي فضا، دوستين جون ڪچهريون، فڪري تحريڪن جا اثر ۽ وقت جي بي رحم وهڪري سان بدلجندڙ حالتون سڀ گڏجي هڪ ادبي دستاويز بڻجي وڃن ٿا.

هن انٽرويو نما ترتيب وسيلي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ڪتاب ۾ پکڙيل انهن خيالن کي نئين انداز سان پيش ڪيو وڃي، جيئن پڙهندڙ شاعر جي فڪر سان وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان آمهون سامهون ٿي سگهي.

چو ته آخرڪار ”وقت جو وهڪرو“ ته جاري رهندو، پر لفظ، يادگيريون ۽ تخليق جا نقش ئي آهن، جيڪي انهيءَ وهڪري ۾ به پنهنجو نشان ڇڏي ويندا آهن... ۽ شايد ادب جو اصل ڪم به اهو ئي آهي.

جنيد فاروقي

تعارف

هي متن روايتي انٽرويو نہ آهي. هتي سوال ڪندڙ بہ هڪ پڙهندڙ جي حيثيت ۾ موجود آهي ۽ جواب ڏيندڙ بہ شاعر جا پنهنجا لفظ آهن.

محمد علي پناڻ جي طويل نظم ”وقت بيهي نٿو“ ۾ جيڪي خيال، احساس ۽ تجربا موجود آهن، انهن ڪي پڙهندي ڪيترائي سوال جنم وٺن ٿا. انهن سوالن کي ترتيب ڏئي، شاعر جي پنهنجي شاعري مان انهن جا جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

انهيءَ ڪري هيءَ گفتگو ڪنهن شخص سان ڪيل سڌي ڳالهہ ٻولهہ نہ، پر شاعر جي فڪر سان هڪ ادبي ملاقات آهي. هن ترتيب جو مقصد اهو آهي تہ پڙهندڙ نظم جي فڪري دنيا ۾ وڌيڪ آساني سان داخل ٿي سگهي ۽ شاعر جي خيالن کي سوال جواب جي صورت ۾ نئين زاويي سان محسوس ڪري سگهي.

شايد پڙهندڙ جڏهن هن گفتگو کي پڙهندو تہ کيس اهو احساس بہ ٿيندو تہ وقت جو سفر تہ جاري آهي، پر لفظ، يادگيريون ۽ تخليق جا نشان وقت جي وهڪري ۾ بہ هميشہ زنده رهندا آهن.

وقت بيهي نٿو...

ان جي سفر ۾ ئي

زندگيءَ جا سپ قصا جنم وٺن ٿا.

وقت جي وهڪري سان همسفرهڪ شاعر

انٽرويو وٺندڙ : جنيد فاروقي

انٽرويو ڏيندڙ : محمد علي پناڻ (ڪتاب: وقت بيهي نٿو)

وقت بيهي نٿو...

پر انسان جا لفظ، وقت کان بہ ڏگهو سفر ڪندا آهن...

فاروقي: محمد علي پٺاڻ صاحب، سنڌي ادب ۾ اوهان ڪي ڪيترن ئي صنفن جو ماهر چيو وڃي ٿو، هڪ ئي وقت ڊراما نويس، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، سوانح نگار ۽ شاعري بہ. پر اوهان جي ادبي سفر جي شروعات شاعريءَ سان ٿي. اهو پهريون قدم ڪيئن ڪنيو ويو؟

محمد علي پٺاڻ: ادب ڏانهن منهنجو پهريون لاڙو شاعريءَ جي صورت ۾ظاهر ٿيو. لفظن سان رشتو بہ شايد اُتي ئي جڙيو.

1988ع ۾ منهنجو پهريون نثري نظم جو ڪتاب ”اکيون آلا چنڊ“ شايع ٿيو.

پوءِ آهستي آهستي ٻيا ڪتاب ”عاشورا آهن“ (1995ع) ،

”اگهيا اوجاڳا“ (2000ع)

۽ ”پيگو آرس اڪڙين“ (2001ع)، ڪتاب پيگو آرس اڪڙين (2011ع) ۾پروفيسر جام جمالي ”Fluttering Feelings“ جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو.

”اڄي رات ڪارو چنڊ“ (ٽي وي ڊراما سيريز) 2016ع،

”مونکي آهَہ اٿاريو“ (شاعري) 2016ع،

”ميندي لهڻ کان اڳ ۾ “ (ڪهاڻيون) 2016ع،

”قت بيهي نہ ٿو...“ (طويل نظم) 2018ع منظر عام تي آيا.

شاعري منهنجي لاءِ محض اظهار جو ذريعو نہ، پر اندر جي ڪيفيتن کي آواز ڏيڻ جو طريقو آهي.

”هي گفتگو روايتي انٽرويو نہ آهي. هتي سوال ڪتاب مان پيدا ٿيا آهن ۽ جواب شاعر جي پنهنجي شاعري جي ڪتاب ”وقت بيهي نٿو“ مان ورتا ويا آهن.“

فاروقي: اوهان کي گهڻو ڪري هڪ غير رواجي اديب چيو وڃي ٿو، جيڪو هر نئين ڏينهن کو نئون تجربو ڪري ٿو. ڇا اِهو شعوري فيصلو آهي؟

محمد علي پناڻ : ادب جامد نہ هوندو آهي.

جيڪڏهن ليکڪ پاڻ کي ورجائيندو رهي تہ تخليق جي تازگي ختم ٿي وڃي ٿي.

مون هميشہ ڪوشش ڪئي آهي تہ لفظن کي نوان اُفق ڏيان، ڪڏهن ڊرامي جي صورت ۾، ڪڏهن ناول جي صورت ۾، تہ ڪڏهن طويل نظم جي روپ ۾... هر صنف ۾ پاڻ کي آزمائڻ منهنجي طبيعت جو حصو رهيو آهي.

فاروقي: اوهان جو ناول "**مسافتون ياد جون**" پڙهندڙن وٽ گهڻي پذيرائي ماڻي. پر تازو شايع ٿيل ڪتاب "**وقت بيهي نٿو**" هڪ طويل نظم تي ٻڌل آهي. هن نظم جو خيال ڪيئن پيدا ٿيو؟

محمد علي پناڻ: وقت پاڻ ئي هڪ وڏي ڪهاڻي آهي، جيڪا هر انسان جي زندگيءَ سان جڙيل آهي. اسان سڀ وقت جي سفر جا مسافر آهيون.

مون محسوس ڪيو تہ وقت جي ڪهاڻي کي ننڍڙي نظم ۾ قيد ڪرڻ ممڪن نہ آهي. ان ڪري مون ان کي طويل نظم جي صورت ڏني، جيئن ان ۾ زندگيءَ جا گهڻ رخي منظر سميٽي سگهجن.

فاروقي: وقت بابت شاعري اڳ بہ ٿي آهي. ڪنهن چيو:

- وقت کي پير آهن، جيڪي ڪڏهن ڪنهن کي نہ روڪي سگهيا.
- وقت هڪ داستان آهي، جنهن جا هر لفظ اسان جي زندگيءَ ۾ هر پل لکجي رهيا آهن...
- وقت هڪ اهڙو بادشاهہ آهي، جيڪو حڪم تہ ڪري، پر پاڻ ڪنهن جي غلاميءَ ۾ نہ آهي...

توهان جي نظر ۾ وقت جي حقيقت ڇا آهي؟

محمد علي پناڻ : وقت اصل ۾ وهندڙ درياهه وانگر آهي.
اهو ڪنهن لاءِ به نٿو رُڪي. مون پنهنجي نظم ۾ به اِهو ئي احساس پيش ڪيو آهي:

نارَ وانگر ڦِري،
ڪوُهَ مان ٿو ڪِري،
لوٽڙيون آبَ جون،
پوُنءِ سيرابُ ٿئي،
زندگيءَ جو روان،
جيئڻ رهي قافلو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت اصل ۾ وچوٽي آهي، ٻن لقائن جي وچ ۾، جمڻ ۽ مرڻ جي وچ وارو وقفو. انهيءَ وچ ۾ جيڪي حادثا، تجربا، خوشيون ۽ ڏک اسان کي ملن ٿا، اهي ئي زندگيءَ کي معنيٰ ڏين ٿا.
فاروقي: انسان جي چهري تي ڪڏهن ڪڏهن هڪ چهرو نه پر ڪيترائي چهرا هوندا آهن. اوهان جي نظر ۾ انسان جي هن ٻهروپ يا گهڻ رخي فطرت کي ڪيئن سمجهجي؟
محمد علي پناڻ : بلڪل توهان صحيح ٿا چئو.
وقت جي سفر ۾ انسان ڪيترن ئي ڪردارن مان گذري ٿو. ڪڏهن هو سچ جو علمبردار بڻجي بيهندو آهي ته ڪڏهن پنهنجي مفادن خاطر چهرو مٽائي ڇڏيندو آهي. سماج ۾ اهڙا ڪيترائي چهرا ملن ٿا، جتي اصل سڃاڻپ لڪيل هوندي آهي. انسان جي اها ئي ٻهروپيت سماج کي وڏيڪ پيچيده بڻائي ڇڏي ٿي.

جي به چهرا ڏٺا،
تِنِ ۾ چهرا ٻيا،
پي لڪل مون ڏٺا،
جن ۾ ٿورا سڄڻ،
باقي سڀئي ڏجڻ،
واتَ رت سان ڀريل،

وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت صرف هڪ لمحو نہ آهي، پر هر پَل جي تجربن جو مجموعو آهي. سُڪون، اذيت، محبت، دوستي، جدوجهد ۽ انساني زندگي جو روان سلسلو. وقت هڪ داستان آهي، جنهن جا هر لفظ اسان جي زندگيءَ ۾ لکجي رهيا آهن... وقت بيهي نٿو... وقت بيهي نٿو...

فاروقي: محبت جي لمحن ۾ انسان گهڻو ڪري اهو چاهي ٿو تہ وقت بيهي وڃي. اوهان جي شاعري ۾ محبت ۽ وقت جو اهو رشتو ڪيئن ظاهر ٿئي ٿو؟

محمد علي پنھوڙ: محبت جو سڀ کان وڏو حُسن اهو آهي تہ ان ۾ ٻہ وجود هڪ ٿيڻ جي خواهش رکن ٿا. اُن لمحي ۾ انسان کي دنيا جون سڀ ڳالهيون وسري وڃن ٿيون. بس دل چاهي ٿي تہ اهو لمحو ڪڏهن ختم نہ ٿئي. پر وقت پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌندو رهي ٿو ۽ انسان کي ياد ڏياري ٿو تہ زندگي بيٺل نہ آهي...

غم گهڻو آ پرين،
ڪم گهڻو آ پرين،
هٿ هٿ ۾ تہ ڏي،
ڇا خبر موت ٿئي،
هڪ دفعو پاڻ ۾،
هڪ ٿي ٿا وڃون،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي : توهان ڪڏهن وقت کي سَرڪش گهوڙي سان تشبيهہ ڏيو ٿا، ڪڏهن فطرتي قوت سان، ڇا وقت انسان جي هٿ کان ٻاهر آهي؟ جيڪو ڪنهن جي قبضي ۾ نٿو اچي.

محمد علي پنھوڙ : بلڪل. وقت کي نہ ڏاوڻ سان ٻڌي سگهجي ٿو ۽ نہ ڪنهن ڪوڙڪيءَ ۾ قيد ڪري سگهجي ٿو. جيئن مون نظم ۾ چيو

آهي:

هُنَ کي ڏاوڻُ نہ کو
۽ نہ کا کوڙکي،
هَٿَ هزارين سندس،
جيکي چاهن جتي،
ڪائناتـــون اڏن
۽ نہ چاهن، ٽـٽن،
وقــت بيهي نٿو...
وقــت بيهي نٿو...

يعني (وقت) هر هنڌ پنهنجو اثر ڇڏي ٿو، پر پاڻ نظر نٿو اچي.

فاروقي: توهان هڪ هنڌ لکو ٿا تہ وقت جو ڪو ظاهري وجود نہ آهي، نہ هٿ، نہ پير، نہ چهرو. پوءِ بہ اهو سڀ کان تيز رفتار آهي.

محمد علي پٺاڻ : ها، جو تہ وقت کي ڏسي نٿا سگهون، پر محسوس ضرور ڪريون ٿا.

ماڻهو پوڙهو ٿئي ٿو، موسمون بدلجن ٿيون، شهر ۽ ڳوٺ بدلجن ٿا....اِهي سڀ وقت جا بدلجندڙ نشان آهن.

پيرَ هن کي نہ هَنِ،
هَٿَ هن کي نہ هَنِ
ڪونہ چهرو، ڪو نَڪُ
۽ نہ ظاهر وجود،
تيز تَرِ پر گهٽو،
پيو ٿو اڳتي وڌي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي: نظم ۾ شهرن، ڳوٺن ۽ سماجي حالتن جو نقش پڻ واضح آهي.

محمد علي پناڻ : ها....،
لاڙڪاڻي جو زمانو، اسان جو گهر، پاڙيسري، باغ، وڻ ۽ انساني رشتا.... اِهي سڀ منهنجي يادگيرين ۾ زنده آهن. پهرين هرڪو سادگيءَ ۾ سهڻو ۽ اَڇو اُجرو هو... رڳو محبتن جي مَتا سَتا هئي... سماج رنگين، روشن ۽ سچن رشتن تي ٻڌل هو...
ڪو وقت هُيو، لاڙڪاڻو ائين نہ هو، جيئن هاڻِ آ. ڪا مصروفيت ڪانہ هئي... ڪو گوڙ نہ هو... ڪو شور نہ هو... چئوطرف وڻ ئي وڻ، باغ ئي باغ هئا. پاڙن ۾ رهندڙ سڀ محبتن جي رشتن ۾ ٻڌل هوندا هئا...
پر وقت جي وهڪري سان اِهو سڀ ڪجهہ بدلجي ويو... دوستيون، محبتون، سماج، انسانيت سڀ تيزي سان گذرڻ لڳا...!

مَـهَــرَ جا درد ۽،
لڙڪ واجد سندا،
پارَ ڪِيهر جا تيا،
دانهن تي مَلَڪَ جي،
چيخَ روشن تنيو،
هـي تہ اتهاس ها!،
وقــت بيهي نٿو...
وقــت بيهي نٿو...

فاروقي: توهان جي نظم ۾ وقت جي هڪ بي رحم صورت بہ سامهون اچي ٿي، جيڪا ڪنهن کي خوشيون ڏئي ٿي تہ ڪنهن کان کسي بہ وٺي ٿي... ڪڏهن انتظار بڻجي اچي ٿي تہ ڪڏهن بيقراري. اوهان جي شاعري ۾ وقت جي انهن ڪيفيتن جو عڪس ڪيئن ملي ٿو؟

محمد علي پناڻ: وقت جي فطرت ئي اهڙي آهي. اِهو ڪنهن لاءِ بہ هڪجهڙو ناهي هوندو.

وقت انسان کي گهڻن رنگن مان گذاري ٿو. ڪڏهن اهو انتظار جي ڊگهي رات بڻجي سامهون اچي ٿو تہ ڪڏهن خوشين جي ننڍڙي لمحي وانگر لنگهي وڃي ٿو. انسان ڪڏهن ان سان گڏ ڪلندو آهي تہ ڪڏهن

ان جي بي رحميءَ تي لڙڪ بہ وهائيندو آهي. پر وقت جي هڪ خاصيت اها بہ آهي تہ اهو ڪنهن جي خواهش تي بيهي نٿو سگهي.

انتظاريون ڏئي،
بيقراريون ڏئي،
لڙڪ موتي ڪري،
ٽهڪ ٽاندا ڪري،
رِڻ رت سان رَڱي،
ڪينَ ڪنهنجي مَڃي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي: زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙا لمحا بہ اچن ٿا جڏهن الڳ ٿيڻ جو فيصلو ڪرڻو پوي ٿو. اوهان ان احساس کي ڪيئن ڏسو ٿا؟

محمد علي پٺاڻ: جدا ٿيڻ جو فيصلو ڪنهن لاءِ بہ آسان نہ هوندو آهي. اهو انسان جي دل تي رکيل سڀ کان ڳرو پٿر هوندو آهي. ان لمحي ۾ دل گهڻو ڪجهہ چوڻ چاهي ٿي، پر لفظ ساٿ نٿا ڏين. انسان سوچيندو رهي ٿو تہ شايد ڪو ٻيو رستو نڪري اچي، پر وقت بي لغام گهوڙي تي چڙي پنهنجي رفتار سان اڳتي وڌندو رهي ٿو...

فيصلو آ وڏو،
ٿورو سوچڻ تہ ڏي،
نيڪ آ ڏار ٿا،
پاڻ بيئي ٿيون،
پنڌ هيڪل پرين،
پير ڪيئن پوءِ کندا؟
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي: نظم ۾ هڪ هنڌ اوچتو ذاتي سوال اچي ٿو... آرسيءَ ۾ پنهنجو چهرو ڏسي شاعر پاڻ کان سوال ڪري ٿو:
”تنهنجو جوين ڪٿي؟ ۽ ٻچپن ڪٿي؟“

محمد علي پناڻ : اهو سوال رڳو شاعر جو نہ، هر انسان جو آهي. وقت خاموشي سان گذري ويندو آهي، ۽ جڏهن ماڻهو پوئتي مُڙي ڏسي ٿو تہ کيس پنهنجو ٻچپن ۽ جواني خواب وانگر لڳن ٿا...

آرسيءَ ۾ ڏٺو،
پنهنجو چهرو جڏهن،
چَپَ چُوري پڇيم،
پاڻَ کان، تون ڪِٿي،
تنهجو جُوڀن ڪِٿي،
۽ هُو ٻچپن ڪِٿي؟،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي : توهان جي شاعريءَ ۾ سماجي درد بہ شدت سان محسوس ٿئي ٿو. خاص طور تي مارشل لا جي دؤر ۾ سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن تي ٿيل ظلم جو ذڪر اچي ٿو.

محمد علي پناڻ : شاعر پنهنجي دؤر جي حالتن کان الڳ نٿو رهي سگهي. سنڌ 1979ع کان هڪ دهشتناڪ دؤر ۾ داخل ٿي وئي. مارشلا، دهشت ۽ ظلم، سماجي بيماريون... جيڪي واقعا اکين سان ڏٺا، جيڪي احساس دل ۾ جاڳيا، اُهي لفظن ۾ بدلجي ويا.

شَهَرَ موُنهان ڪري،
ڳوٺَ دوُنهان ڪري،
ڪنهن کي اربـــي خـوشيون،
ڪنهن جون جهڙپي خوشيون،
ڪِن کي راهون ڏسـي،
ڪِن کان واهون کسي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

هي وقت جو ئي ٻيو چهرو آهي.

فاروقي: اوهان جي شاعري رڳو داخلي احساسن تائين محدود ناهي، پر سماج جي ادارن ۽ حالتن تي بہ نظر رکي ٿي. مثال طور اسپتالن جي بگڙيل حالت بابت اوهان ڇا محسوس ڪيو؟

محمد علي پناڻ: جتي زندگي بچائڻ جا هنڌ هجڻ گهرجن، اتي جيڪڏهن مايوسي ۽ بي وسي نظر اچي تہ اهو سماج لاءِ وڏي الميي کان گهٽ ناهي. اسپتالون انسان جي اميدن جو مرڪز هجن ٿيون، پر جڏهن اهي ئي بي حسي ۽ بدنظمي جو شڪار ٿين، تڏهن عام ماڻهو جي دل ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ آخر انصاف ۽ سهولت ڪٿي ڳولهجي.

اسپتالون وڏيون،
پنهنجي سرڪار جون،
مرض جن جي هٿان،
ڪين گهٽجي سگهيا،
ڇو تہ رشوت اتي،
اپ ڪي ٿي ڇُهي!،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي: توهان جي ٻوليءَ ۾ سادگي ۽ رواني آهي، جيڪا عام پڙهندڙ کي بہ آساني سان سمجهہ ۾ اچي ٿي. ڇا اِهو شعوري انتخاب آهي؟

محمد علي پناڻ : مان سمجهان ٿو تہ شاعريءَ جو حُسن ان وقت نکري ٿو جڏهن پڙهندڙ بغير اٽڪ جي اُن کي پڙهي ۽ محسوس ڪري سگهي. جيڪڏهن عام ماڻهو اُن کي پڙهي محسوس نہ ڪري، تہ لفظن جي خوبصورتي بيڪارٿي وڃي ٿي.

فاروقي : نظم ۾ جديد دؤر جا حوالا بہ موجود آهن، جهڙوڪ فيس بڪ وغيره. روايت ۽ جديديت گڏ ڪٿي هلڻ ڪيئن ممڪن ٿيو؟

محمد علي پناڻ : ڇو تہ وقت رڳو ماضيءَ جو نالو نہ آهي. اهو ماضي، حال ۽ مستقبل کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو. تنهن ڪري نظم ۾ بہ پراڻيون ڪهاڻيون شامل آهن، جهڙوڪ راءِ ڏياچ جو قصو، ۽ جديد زندگيءَ جا

منظر بہ.

سِرُ مَتي ڪين آ،
سُرُ مَتي آ ڏياچَ،
ڪنڌُ چارَڻُ جتان،
پِي چوي تون اتان،
ڪجھ بہ سُوچڻ بنا،
ڪُوري هڪدم ڏِجان،
وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...

پر اَسان جا لفظ، اَسان جا قِصا ۽ اسان جا تجربا هميشہ زنده رهندا.

فاروقي: توهان جي شاعري سماجي بيمارين تي بہ سخت تنقيد ڪري ٿي، خاص طور تي انهن ماڻهن تي جيڪي انسانيت کي وساري وينا آهن.

محمد علي پناڻ : شاعر جو فرض آهي تہ هو سماج کي آئينو ڏيکاري. جيڪڏهن ناانصافي، بدانتظامي يا بيحسي آهي تہ ان کي لفظن ۾ آڻڻ ضروري آهي.

باهِ گھر کي لڳي،
ماءُ بيھوش ٿي،
ڏيءُ تي ڪوئلو،
هوش آيو جڏهن،
هونگڙون، هاءِ ڙي،
سي بہ ڪوئلو ٿيون!،
وقت بيھي نٿو...
وقت بيھي نٿو...

فاروقي: نظم جي آخري حصن ۾ توهان انصاف ۽ قانون جي بالادستي جي ڳالھ ڪريو ٿا.

محمد علي پناڻ : چو تہ سماج جي بهتري جو رستو انصاف مان ئي

نکري ٿو.

چورَ جوتختُ ۽
بختَ نابود ٿئي،
عدل انصاف جو،
بولُ بولُ بالا ٿئي،
نقلي هرڪنهن دوا،
جو ٿئي خاتمو،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو... هي رڳو شاعري نہ، پر هڪ خواهش آهي.

فاروقي: اوهان جي شاعري مان اهو بہ محسوس ٿئي ٿو تہ وقت انسان کي گهڻيون سکيا ڏئي ٿو. ڇا اوهان جي نظر ۾ وقت پاڻ بہ هڪ استاد آهي؟

محمد علي پٺاڻ: ها، وقت شايد سڀ کان وڏو استاد آهي. اهو انسان کي بنا لفظن جي سبق سيکاري ٿو... ڪڏهن خوشين جي ذريعي، ڪڏهن ڏکن جي وسيلي. جيڪو ماڻهو وقت جي انهن نشانين کي سمجهي وٺي، اهو زندگيءَ جي حقيقتن کي بہ سمجهي سگهي ٿو.

آ جوان ئي جوان،
ڪين پوڙهو ٿئي،
جيوُ يوڳي وجي،
موت پيڙو ٿئي،
معجزن سمند جيان،
جنهن ۾ لمحا ٻُڏَنِ،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

فاروقي : آخر ۾، جيڪڏهن هڪ جملي ۾ چئون تہ ”وقت بيهي نٿو“ پڙهندڙ لاءِ هڪ پيغام، جيڪو وقت جي فلسفيءَ سان هم آهنگ هجي؟

محمد علي پناڻ : اِهو نظم اصل ۾ زندگيءَ جي سفر جو عڪس آهي. جنهن ۾ يادون، سوال، درد ۽ اميدون، اِهي سڀ وقت جي وهڪري سان گڏ هلن ٿا. پڙهندڙ شايد هڪ پل لاءِ بيهي وڃي، پر وقت... وقت ته اڳتي وڌندو ئي رهي ٿو.... هڪ نه ڪٿندڙ سفر ڏي .....!

سِجَ ڪِرڻن منجهان،
چنـدَ تارن منجهان،
نيڻ ڌرتيءَ کي ڏئي،
باهِ، پاڻي، هَـوا
۾ وجهي ساهُ نئون،
چاهُ ئي چاهُ نئون،
وقـت بيهي نٿو...
وقـت بيهي نٿو...

اختتامي تاثر

”**وقت بيهي نٿو**“ صرف هڪ طويل نظم نہ، پر اِنساني احساسن جو هڪ وسيع منظرنامو آهي. هن ۾ زندگيءَ جي وهڪري جا ڪيترائي رنگ، سماج جا ڪيترائي دَرد ۽ يادگيرين جا ڪيترائي پاڇا گڏجي هڪ اهڙي تخليقي فِضا جوڙين ٿا، جتي پڙهندڙ پاڻ کي بہ انهيءَ سفر جو حصو محسوس ڪري ٿو. محمد علي پناڻ جي قلم مان نڪتل هي نظم اُن حقيقت جو اظهار آهي تہ:

وقت شايد ڪڏهن بہ نہ بيهندو، پر تخليق جا لفظ انسان جي دلين ۾ هميشہ زنده رهندا. انهيءَ يقين سان، هاڻي هن گفتگو کي شاعر جي پنهنجي شاعري جي انهن خوبصورت سٽن تي ختم ڪيون ٿا،

قيدُ جِيون جُو ڏئي،
پيدُ جِيون جُو ڏئي،
ساري مخلوق کي،
رات کي، ڏينهن کي،
ڪنهن تہ ڊرامي جيان،
جنهن ۾ منظرَ مَتي،
وقت بيهي نٿو...
وقت بيهي نٿو...

وقت جو سفر جاري آهي...
ماڻهو هليا ويندا آهن، پر لفظ ۽ يادگيريون
وقت جي وهڪري ۾ بہ زنده رهنديون آهن....

شاعربابت

انسان جڏهن زندگي جي سفر ۾ پنهنجي احساسن، جذبن، خواهشن، ڪاميابين ۽ محرومين جي تلخ ۽ شيرين تجربن مان گذري ٿو ۽ سماج ۾ ٿيندڙ واقعن کي غور سان ڏسي ٿو، تڏهن سندس اندر ۾ هڪ نئون شعور ۽ ادراڪ جنم وٺي ٿو. اهو شعور انسان جي اندر ۾ لڪل تخليقي قوتن کي بيدار ڪري ٿو. جيڪڏهن ان وٽ اظهار جو ڏانءُ موجود هجي تہ اهي احساس لفظن جي صورت اختيار ڪري تخليق بڻجي پوندا آهن. اهڙي تخليقي عمل ۾ انسان پنهنجي اندروني ۽ بيروني ڪيفيتن کي لفظن، جملن، تشبيهن ۽ استعارن جي ذريعي هڪ نئون روپ ڏئي پيش ڪندو آهي، ۽ اهو اظهار ادب جي ڪنهن نہ ڪنهن صنف ۾ ڍلجي وڃي ٿو.

ادب انسان کي هڪ اهڙي روحاني دنيا ڏانهن وٺي وڃي ٿو جتي محبت، احساس ۽ فڪر جا نوان در کلي پون ٿا. حساس دل ۽ بيدار ذهن رکندڙ انسان انهن احساسن کي نہ رڳو پنهنجي اندر محسوس ڪري ٿو، پر انهن کي ادب جي مختلف صنفن وسيلي ٻين تائين بہ پهچائي ٿو ۽ ڪين سوچڻ ۽ سمجهڻ جو نئون زاويہ ڏئي ٿو.

وقت، جيڪو تيز وهندڙ درياهہ وانگر ڪنهن جو انتظار نٿو ڪري، زندگي کي بہ پنهنجي وهڪري سان گڏ اڳتي وٺي هلندو رهي ٿو. انسان جي زندگي بہ وقت سان گڏ ڪيترن ئي رنگن ۽ تجربن مان گذري ٿي... ڪڏهن ڏک، ڪڏهن خوشيون، ڪڏهن ڪاميابيون تہ ڪڏهن ناڪاميون. زندگي جي انهن بدلجندڙ رنگن ۽ احساسن کي ناليواري ليکڪ ۽ شاعر محمد علي پناڻ پنهنجي طويل نظم ”وقت بيهي نٿو“ ۾ وڏي خوبصورتي سان بيان ڪيو آهي، جتي انساني احساسن، مشاهدن ۽ فڪري تجربن جي شاندار ترجماني ملي ٿي.

محمد علي پناڻ انهن تخليقڪارن مان آهي، جن لاءِ ادب رڳو شوق نہ پر زندگيءَ جو اهم مقصد آهي. هو ادب کي سرجندي، ڇپجندي ۽ پڙهندي ڏسڻ کي پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين سمجهي ٿو. ادب سان سندس محبت اهڙي آهي جو هو پنهنجي زندگيءَ جا گهڻا لمحا ان ئي دنيا کي ارپي چڪو آهي. ادب سندس لاءِ زندگي جي آڪسيجن وانگر آهي. جيڪو نہ هجي تہ جڻ زندگي جو ساهہ بہ اڌورو لڳي.

هن جو اهو جذبو رڳو پنهنجي تخليق تائين محدود ناهي. محمد علي پناڻ هميشہ ٻين تخليقڪارن جي حوصلا افزائي ڪرڻ ۾ بہ اڳڀرو رهيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن نوجوان ۾ تخليقي صلاحيت ڏسي يا ڪنهن نئين ليکڪ جي سٺي تخليق پڙهي، تہ هو روبرو، فون يا پيغام ذريعي پنهنجي راءِ ۽ مبارڪباد ڏيڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو آهي. اهو رويو نہ رڳو سندس ادبي ذميواريءَ جو ثبوت آهي، پر ادب سان سندس سچي وابستگي جو بہ اظهار آهي.

محمد علي پناڻ جي طويل نظم ”**وقت بيهي نٿو**“ کي ڪونج اڪيڊمي ڪراچي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو آهي. هن ڪتاب جي هڪ خاص خوبي اها آهي تہ ان ۾ هڪ ئي طويل نظم شامل آهي، جيڪو مختلف احساسن، مشاهدن ۽ فڪري تجربن جو احاطو ڪري ٿو. هي نظم زندگي جي گهڻ رخي ڪهاڻي بيان ڪري ٿو ۽ ڪيترين ئي حساس دلين جي ترجماني بڻجي سامهون اچي ٿو.

هن ڪتاب بابت مختلف ادبي شخصيتن بہ پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن. ناليواري ليکڪ انور ابڙو جو خيال آهي تہ جڏهن ڪو تخليقڪار، جيڪو ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامي جي دنيا ۾ بہ پنهنجو منفرد تجربو رکي ٿو، طويل نظم لکي ٿو تہ اهو نظم پڙهندڙ کي سوچ جي هڪ نئين سفر تي وٺي وڃي ٿو. سندس خيال موجب شاعر شايد وقت کي روڪي نہ سگهي، پر پنهنجي تخليق جي قوت سان پڙهندڙ کي ضرور ڪجهہ لمحا بيهاري سگهي ٿو.

ساڳئي ريت ڪتاب جي مهاڳ ۾ ليکڪ اخلاق انصاري بہ هن نظم جي فڪري پهلوئن ڏانهن اشارو ڪندي لکي ٿو تہ جديد دؤر ۾ دنيا تيزي سان اڳتي وڌي رهي آهي، سهولتون وڌي ويون آهن، رابطن جا ذريعا آسان ٿي ويا آهن، پر ان سڀ جي باوجود انسان جي اندر ۾ اڪيلائي ۽ بيچيني وڌندي پئي وڃي. اهڙي دؤر ۾ اهڙيون تخليقون انسان کي پنهنجي اندر ڏسڻ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون.

محمد علي پٺاڻ پنهنجي هن طويل نظم ۾ سنڌي ادب جي ڪيترن ئي وڏن نالن کي بہ محبت سان ياد ڪيو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، هدايت منگي، رزاق مهر، ڪيهر شوڪت ۽ ٻين تخليقڪارن جا حوالا هن نظم ۾ هڪ ادبي تسلسل جي صورت ۾ سامهون اچن ٿا. ان سان گڏوگڏ هن پنهنجي ڪيترن ئي دوستن ۽ همعصر ليکڪن، جهڙوڪ انور ابڙو، زيب سنڌي، اعجاز منگي، بدر ابڙو، اخلاق انصاري، اياز گل، امداد حسيني ۽ بادل جمالي... سان محبت ۽ وابستگي جو اظهار بہ ڪيو آهي.

مختصر لفظن ۾ چئجي تہ ”وقت بيهي نٿو“رڳو هڪ نظم نہ، پر زندگي جي بدلجندڙ لمحن، احساسن ۽ فڪري تجربن جو هڪ ادبي دستاويز آهي، جيڪو پڙهندڙ کي وقت جي وهڪري سان گڏ زندگي جي گهڻن رنگن سان روبرو ڪرائي ٿو.

وقت هميشہ هلندو رهي ٿو...
اهو نہ ڪنهن لاءِ بيهي ٿو،
نہ ڪنهن جي انتظار ۾ رڪي ٿو...

پر انسان جي زندگيءَ ۾ جيڪي لمحا گذرن ٿا... دوستيون، محبتون، يادگيريون ۽ جدوجهدون... اُهي وقت جي وهڪري ۾ پنهنجا نشان ضرور ڇڏي ويندا آهن.

”وقت بيهي نٿو“ محمد علي پناڻ جي هڪ طويل نظم جو فڪري جهان آهي، جتي وقت رڳو هڪ لفظ نہ، پر هڪ مڪمل تجربو بڻجي سامهون اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ نظم جي انهن خيالن کي سوالن جي صورت ۾ ترتيب ڏئي، شاعر جي پنهنجي شاعري مان انهن جا جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

انهيءَ ڪري هي ڪتاب روايتي معنيٰ ۾ انٽرويو نہ، پر هڪ ادبي مڪالمو آهي... وقت سان، يادگيرين سان ۽ شاعر جي فڪر سان... هن گفتگو ۾ لاڙڪاڻي جي هڪ دؤر جون يادون، دوستين جون ڪچهريون، فڪري تحريڪن جا اثر ۽ وقت جي بي رحم وهڪري سان بدلجندڙ زندگيءَ جا منظر گڏجي هڪ اهڙو ادبي سفر بڻجن ٿا، جيڪو پڙهندڙ کي صرف پڙهڻ لاءِ نہ، پر سوچڻ لاءِ بہ مجبور ڪري ٿو.

شايد هن ڪتاب کي پڙهندي پڙهندڙ کي بہ اهو احساس ٿئي تہ:
وقت بيهي نٿو...
پر لفظ ۽ يادگيريون
وقت جي وهڪري ۾ بہ زنده رهنديون آهن.

جنيد فاروقي
لاڙڪاڻو